مجاهد حسين سولنگي

# سنڌي ادب ۾ اصطلاحن جو استعمال


***Abstract***

**The utilization of Proverbs in Sindhi Literature**

*Language is like a tree, which speaks in silence about its structures and foundation. For detailed study, the branch of 'Botany' speaks in volumes. Similar studies are available in various disciplines of pure science as well as social sciences and the languages.*

*Language is the prime source, through, beauty and grandeur of Earth and skies can be converted into reading and writing; into poetry and prose… and such other mediums.*

*Beautification of Language relies on various tools of it; Proverbs, Idioms, Sayings and such thoughts through quotable quotes are said of embellish a particular Language. Poetry as well as prose is thus made rich, dignified, beautiful and verbose.*

*In the paper, the meaning and purpose of such terms have been explained. Special attention has been paid on some quotations from Arabic quotations through Holy Quran and after that, from English and then from writings of Dr. Atta Muhammad 'Hami', his poetry as well as his dissertation.*

*It has been mentioned that, such Proverbs, Idiomatic phrases and sayings, beautifies the poetry and prose and thus add laurels and magnanimity to the language. Some quotations have also been taken from some popular writers of poetry and prose whose writings are viewed and found adorned and embellished .*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ٻوليءَ** جي اهميت، ڪارج، خوبين ۽ خاصيتن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ هڪ بهترين تشبيهه وڻ جي آهي، جيئن وڻ لاءِ ٻج، پاڙ، ٿڙ، پن، ٽاري، گل ۽ ميوو. جهڙيءَ ريت ٻوٽي جي بيان ۽ تشريح لاءِ علمِ نباتات، علمِ ڪيميا ۽ علم الارضيات وغيره جي مطالعي ۽ مشاهدي جي ذريعي ٻوٽي جو گهڻ پاسائون جائزو بيان ڪري سگهجي ٿو بلڪل ساڳئي طرح ٻوليءَ ۾ ڪجهه اهڙن علمن ۽ ذيلي علمن جا گڏيل سرشتا سندس بيان ۽ تشريح لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا. انهن علمن ۾ علم اللسان، حياتيات، طبعيات، عمرانيات، نفسيات سان گڏوگڏ ذيلي لساني علم ، علم صرف، علم نحو، علم معاني، علم عروض، علم بيان ۽ صنايع ۽ بدايع وغيره گڏجي ٻوليءَ جي وڻ جو گهڻ پاسائون تجزيو ڪن ٿا. ٻوليءَ جي اهڙي رنگين جهان ۾ علم ڪلام جو سدا بهار وڻ بہ شامل آهي، جنهن ۾ ڪلام (ٻولي) جي سونهن، سندرتا، سٺي سپاءَ ۽ حسن بيان جا بي بها گل ڦل موجود آهن، جن سان ڪوبہ انسان پنهنجي ڪلام جي باغ کي ڪمال تائين پهچائي سگهي ٿو. علم ڪلام جا اهي بي بها گل ڦل ۽ ميوا علم نحو، علم صرف، علم معاني، فصاحت، بلاغت، سلاست، صنايع، بدايع، پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، محاورا، ورجيسيون ۽ ترڪيبون وغيره آهن، جيڪي ڪلام جي حسن ڪمال لاءِ ڳهه آهن، اڃا جيڪڏهن ڪلام ۾ موزونيت، جوش، جذبو، اثر، وزن پيدا ڪرڻو هجي يا وري راز نياز، ڳجهه ڳوهه ۾ بيان ڪرڻو هجي تہ پوءِ علم معاني ۽ ان ۾ ڦير پيدا ڪندڙ اصطلاح، محاورا، ڪنايا، استعارا ۽ تشبيهون وغيره نظر ۾ رکڻيون پونديون آهن.

ڪلام ۾ ڦيرقار، سلوٽائپ ۽ ڳوڙهائپ جو مدار گرداني ڦيري، ترنمي فرق ۽ اصطلاحي معنيٰ سان ايندو آهي. اسان هتي فقط ڪلام ۾ اصطلاحي يا محاوراتي ڦيري کي ئي تجزئي ۾ آڻينداسين، تہ ڪيئن اصطلاح يا محاورا ڪلام جي معنيٰ ۾ ڦيرو آڻيندي، ان کي فصيح ۽ بليغ بڻائي ان جي حسن ۾ واڌارو آڻيندي صاحب ڪلام کي باڪمال ۽ سخنور بڻائي ڇڏين ٿا. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر عطامحمد حاميءَ جي نثر ۽ ڪلام ۾ اصطلاح يا محاوري جي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اميد تہ اهل علم ۽ علم ۽ ادب جي شوقينن وٽ قبول پوندي.

محاورو ۽ اصطلاح ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسي ۾ بہ ڪتب

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ايندا آهن. ُ ھي لفظ پوءِ اردو، سنڌي، هندي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ٻولين ۾ بہ مروج ٿي ويا آهن محاوري لفظ جو عربي ۾ اچار آهي: محاورت، اهو ’حاور‘ يا ’حور‘ فعل مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب موٽائڻ ۽ ورندي ڏيڻ، وستار (وڌاءُ ۽ اپٽار) ٿي ويو آهي.

جان. ٽي. پلاٽس جو حوالو ڏيندي مرليڌر جيٽلي انهيءَ لفظ جون معنائون اردو ۽ هندي ڊڪشنري ۾ ڏنيون آهن : گفتگو، ڳالھ ٻولھ ۽ اصطلاحي لفظي ميڙ ۽ عام ڳالھ ٻولھ جو طريقو وغيره . محاورو= عربي ٻوليءَ جي حور مان جڙيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ُھن ورائي چيو ۽ گفتگو، ڳالھ ٻولھ ۽ علم نحو موجب ”اهو جملو جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي تہ ڪنايتي معنيٰ ٻي هجي.“(1)

اصطلاح = ڪنهن ڏنڌي يا فن جو لفظ ۽ ورجيس . (2)

ورجيس = ورج = رسم ۽ رواج، دستور. اصطلاح موجب جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي آهي ۽ رواج موجب ٻي. (3)

آڪسفورڊ ايڊوانس لرنرس ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

“Idiom: A group of words whose meaning is different from the meaning of the individual words.” (4)

نياز سرڪي ورجيس جي معنيٰ ۽ وصف بابت لکي ٿو: ”ورجيس جي معنيٰ اها محاوراتي ٻولي آهي، جيڪا حفاظت، هار سينگار ۽ ٺاھ ٺوھ جي عمدي لباس ۾ آراستہ هجي ۽ پنهنجو مقصد هر ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان استعمال ڪري سگهي. ورجيس جو ٻيو نالو اصطلاح آهي، جو معنيٰ مطابق مثالن ۽ چوڻين ۾ مفهوم بہ ورجيس مان ڦٽي نڪري ٿو. اهڙيون مختلف جڙاوتون ٻوليءَ جي سونهن ۽ زينت ۾ واڌارو آڻين ٿيون. ورجيس اهڙو لسانيات جو استعمال آهي جيڪو اکري معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي، پر اهو خاص روپ ۾ مروج ٿي ويندو آهي، جنهن ڪري ٻين مروج استعمالن وانگر ان کي ايڪائي وصف حاصل ٿي ويندي آهي، مطلب تہ ان جي روپ ۾ اسين مرضيءَ سان ڦير گهير نٿا ڪري سگهون.“( 5)

اصطلاحن ۽ محاورن جا لفظ بلڪل مختصر ۽ ننڍڙا تہ هوندا آهن، پر انهن جي معنيٰ ۽ مطلب جو دائرو نهايت وسيع ۽ ڪشادو هوندو آهي، يعني اهي مخصوص

Shah Abdul Latif Bhittai Chair

معنيٰ جا محتاج نہ هوندا آهن. اهڙا لفظ انساني زندگيءَ جي روز مره جي ماحول سان لاڳاپيل هوندا آهن، جنهن ڪري ٻولي، ادب، تاريخ، تمدن ۽ ثقافت جو سگهارو سرمايو ۽ لغتي لحاظ کان ڪي الڳ معنائون رکندڙ هوندا آهن تہ ٻئي طرف تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين ۾ ٻي معنيٰ رکندا آهن. اهڙيون معنائون انساني روزمره جي زندگيءَ ۾ سماجياتي ڪردار بہ ادا ڪن ٿيون. سندن استعمال جي ڪري بيان ۾ جيڪا فصاحت ۽ بلاغت پيدا ٿيندي آهيُ ها پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ تي سنو اثر ڇڏيندي آهي، اها ٻوليءَ جي نزاڪت سونهن ۽ سوڀيا آهي. اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ محاورن خوش ڪلامي، رونق ڀريي ماحول جوڙڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي، مجموعي طور ائين ڪٿي چئجي تہ محاورا ٻوليءَ ۽ ادب جي سينگار جو سونهن ڀريو سامان مهيا ڪن ٿا.

مثال : ڇا تي ٿو ڏند ڪرٽين ؟

هن جملي ۾ ”ڏند ڪرٽڻ“ هڪ محاورو آهي، جنهن جو مطلب آهي ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ. جنهن شخص ڪي هي لفظ چيا وڃن ٿا هو حقيقي طرح يا سچ پچ ۾ ڏند ڪرٽيندو آهي، تنهن ڪري اڪري معنيٰ ۾ رڪاوٽ پوڻ سببان پوءِ ٻي معنيٰ ڪڍون ٿا جيڪا آهي ڪاوڙ ڪرڻ. اها ڳالھ مخاطب ڪي ذهني طاقت سان معلوم ٿي ويندي آهي، جنهن جو مقصد ناراضگيءَ جي انتها ظاهر ٿيڻ آهي، يعني هو بلڪل چڙ ۾ آهي . ورجيسي لفظ سوچ، ويچار، عقل ۽ دانش سان ٿمٿار هوندا آهن، جيڪي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ نمائندگيءَ سان گڏ هدايت ۽ نصيحت جو ڪردار پڻ نڀائيندا آهن.

سنڌي ٻولي بہ اصطلاحي ذخيري سان مالا مال آهي ۽ ڪنهن شيءِ جي بہ ڪوتي ڪانہ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۾ اضافو آڻڻ لاءِ اسان ڪجھ مثال قرآن شريف مان ڪڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، ان جو اصل مقصد آهي تہ محاورا قرآن شريف ۾ پڻ استعمال ٿيل آهن، جن مان اصطلاحن جي اهميت ماهيت ۽ ڪارج جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، يعني اصطلاحن جو ادبي ۽ علمي ڪارج نهايت گهرو ۽ جامع آهي.

لايستطيعون حيلتہ                    (النساءِ    آيت 98)

يعني

بي وس هئڻ / سهارو نہ هئڻ .

فمن شآءَ ذڪره                    (عبس 12. پ 30)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

يعني

دل گهرڻ

فالف بين قلوبڪم (آل عمران. 103 پ 4)

يعني: پيار جا پيچ وجهڻ، جيءُ جڙڻ.

ڪڙو منجهه ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽئو،

تيئن منهنجو **جيءُ جڙي،** سپيريان سوگهو ڪيو.(6)

قرآن شريف ته الاهي ڪلام آهي، جنهن سان ڪابه ڀيٽ نه آهي، جيڪو انساني لکڻين جي سيني اصولن کان مٿانهون آهي، پر ٻوليءَ ۾ اصطلاحن جي ڪارج جو اندازو لڳائڻ آهي ته جيئن محاورن ۽ اصطلاحن سان قرآن شريف جي ٻوليءَ ۾ لفظي ۽ معنوي سونهن، سوڀيا ۽ اثر پيدا ٿيل آهي. اهڙي نموني سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاحن جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي شان ۽ شوڪت، سونهن ۽ سوڀيا ۾ اڻ ميو اضافو ڪيو آهي.

سنڌي ٻولي به ورجيسن ۽ اصطلاحن سان مالا مال آهي. هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي اکٽ ڀنڊار 'شاهه جي ڪلام' مان محاورن جي استعمال سان پيدا ٿيل رنگينيءَ جو رنگ ڏسون ٿا:

ڪتڻ جي ڪانه ڪرين، ستي ساهين هـڏ،

صُباح ايندءِ اوچتي، عيـــــد اگهاڙن گڏ،

جت سرتيون ڪندءِ سڏ، اتي سڪنديءَ سينگار کي.(7)

"ڪتڻ جي نه ڪرڻ"

"عيد اگهاڙن گڏ اچڻ"

"سينگار کي سڪڻ."

مُحبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،

تِن جو صرافن، اڻ توريو اگـهائو.(8)

"من ۾ محبت پائڻ"

"رنديا روڙڻ"



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

” اڻ توريوَ ڳَھجڻ“

نظم ’دي ايبوٽ آف ڪينٽر بري‘ ۾ شاعر، **‘to keep thy day’** جو اصطلاح پنهنجي شاعري ۾ هيٺئين نموني استعمال ڪيو آهي:

> “Now welcome, sir abbot``, the king did say,
> It is well thou art come back **to keep thy day.”**

ارنيسٽ هيمنگوي جي ڪهاڻي: ’پرديس ۾‘، مترجم: رشيد ڀٽي، اصطلاحن جو ڀلي نموني استعمال ڪيو آهي، جنهن جا ٽڪرا پيش ڪجن ٿا:

”آءٌ وري انهيءَ ڇوڪري جي *دوستيءَ جو دم ڀرڻ* لڳس، جيڪو محاذ جي ڀھرئين ئي ڏينهن ٽڪجي پيو هو. هن کي پاڻ پنهنجي متعلق ڪو صحيح اندازو ٿي نہ ٿي سگهيو تہ هو اڳتي هلي ڪهڙا *ڦاڙها ماري* ها.“ (9)

”اهي مشينون بلڪل نيون آهن ۽ اسان تي ئي آزمايون پيون وڃن. رڳو نڳيءَ جو *ٺاهہ* آهي ‘‘ (10)

شبنم گل پنهنجي ڪهاڻي ’خالي هنج جو ڏک‘ ۾ اصطلاح استعمال ڪندي لکي ٿي تہ، ”ائي منهنجو ڪاشف ................ ‘‘ صوفيہ جي *اکين جي اڳيان* *انڌاري ڇانئجي* وئي .“(11)

مٿئين ڪهاڻين جي ٽڪرن ۾ اصطلاحي ٻوليءَ جو سڀنڌ ڪهاڻيءَ جي بيهڪ مقصد، مفهوم ۽ بيان کي زورائتو پيش ڪري رهيو آهي، جنهن حقيقت کي مڃڻ مجبوري بڻجي پوي ٿي تہ هيمنگوي جي ڪهاڻي، جيڪا سنڌي ادب ۾ ترجمي جي وسيلي آئي آهي سا بہ اصطلاحن سان سينگاريل آهي گڏوگڏ سنڌي ادب جون اصلوڪي ڪهاڻيون ، ناول ، ڊراما، سوانح عمريون، آتم ڪهاڻيون، شاعري يا اسان جي روزمره زندگيءَ ۾ جيڪي گفتا ، ٻول يا ڪچهريون ٿين ٿيون، انهن ۾ بہ اصطلاحي ٻوليءَ جي خوشبو سنگهجي ٿي. مطلب تہ اصطلاح ۽ محاورا ٻوليءَ جي سونهن جو وسيلو آهن، جيڪي دنيا جي سڀني سڌريل ٻولين ۾ استعمال ٿين ٿا، جيڪو آفاقي قاعدو محسوس ٿئي ٿو، پر جيڪڏهن عطامحمد حاميءَ جي تحقيقي ڪتاب: ’خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو‘ جو اڀياس ڪجي ٿو تہ اصطلاحي يا محاورتي ٻوليءَ جو استعمال ڏسي پڙهندڙ لطف ماڻي ٿو. حاميءَ جي نثر ۾ اصطلاحي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حض جو بهترين مثال ڏسو:"........ تيسيتائين مير علي مراد کي ***جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو*** هو ۽ پنهنجو ***دلي دوست تصور ڪندو*** هو، پر پنهنجي ***ڪم ڪڍڻ*** کان پوءِ هن تي ***ڪرڙي نظر رکيائين***."(12)

حاميءَ جي بئي هڪڙي مضمون 'راڻي پور جا پير' ۾ به اصطلاحن جي خوش اسلوبي نظر اچي رهي آهي. حامي لکي ٿو ته، "....... پنهنجي وقت جي حاڪمن، عالمن ۽ پيرن فقيرن سان تمام ***سهٽو سلوڪ هوندو*** هو."(13)

اصطلاحي ٻولي اهڙي ٻولي آهي، جيڪا نثر ۽ نظم ۾ بنا ڪنهن فرق يا لفظي يا معنوي گهٽ وڌائيءَ جي ڪڙ ڪنيو سونهن ۽ سندرتا جا هوڪا وڏي واڪي پئي ڏئي ته سنڌي ٻوليءَ جو سمورو علم ۽ ادب سيني عالمي خوبين سان پريل آهي، پوءِ چونه شاهه جو ڪلام هجي يا ڪريم جون ڪويتائون هجن، ڏيپلائيءَ جو نثري ادب هجي يا قليچ جو فن ادب، جمال جو ڪمال هجي يا امر جليل جون امر ڪهاڻيون.

سنڌي شاعريءَ جي وسيع ترين دامن مان ڪي ٿورا مثال پيش ڪجن ٿا ۽ فقط شاعرن جي فن کي ڏسڻو آهي ته انهن پنهنجي شاعريءَ ۾ اصطلاحي ٻوليءَ کي استعمال ڪري، خيالن جي اظهار جو سگهارو ذريعو ڪيئن بڻايو آهي؟ شروعات ۾ عطا محمد حاميءَ جا ڪجهه شعر ڏجن ٿا:

**نانگن جو نظر پير نه** ايندو آهي،
بازن کي غذا غير نه ڏيندو آهي.

***ٻيرن کان*** ملي ***ٻير*** سگهن ٿا ليڪن،
ملن جي هٿان خير نه ٿيندو آهي.(14)

محبت ۾ ***مصيبت جا هزارين مرحلا*** ايندا،
***ڪشالا ڪاٽبا ڏونگر ڏکن جا ڏورڻا*** پوندا.
***سڪائون باسبيون***، پيرن تي پڙ وجهبا ، **چلا ڪڍبا**،
سوين ***سڪ جا سڳا***، تنهنجي ملڻ لئه سورڻا پوندا.(15)

***گهٽا ُمنهن جا منڙا*** ۽ مننار ماٺهو،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دغاباز نڪـــرن تا دلدار ماڻهو.(16)

وچڙندي ويندا وڏي ڏاڍا ڏچا،
پرچندي پوندا **چڙهي پنهنجا ڳها.**(17) ”ڳها چڙهڻ“

پنهنجا سوچي، ڏوهه ئي ڏڪندا رهيا،
ڏيهه ليڪن **ڏند ٽـــيڙيندو** ئي رهيو.(18) ”ڏند ٽيڙڻ“
(امر اقبال)

نيپال جيئان هاٿي تحريڪ هتي هـــــلندي،
ڪئين **شاهه پڌي** ويندا، ڪئين خان لڏي ويندا.(19)
(محمد بارڻ)

ڪير تن ڪي وسائي سگهندو ڀلا،
جيڪي **پنهنجن هٿان لڳيون** آهن.(20)
(انيس گل عباسي)

هرڪو پنهنجي لئه هت جيئي پيو ٿو اي اياز،
پر **ٻين جي لئه جيئڻ** ۾ مزو ئي ٻيو اتـــئي.
(اياز لاڪير)

مونکي ارمان پراون جو نه آهي ڪوئي،
ڏک اهو آهي جو **پنهنجو به پرايو نڪتو.**
(احمد خان مدهوش)

**من آ منهنجو جميل اصل کان ئي مـــــيرو،**
اندر جي سجاوت ڪجي به ته ڪيئن ڪجي.
(جميل خاصخيلي)

معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي شاعرن ۽ نثرنويسن پنهنجي تخليقن کي بامعنيٰ بڻائڻ لاءِ اصطلاحن ۽ محاورن جو چڱو استعمال ڪيو آهي ۽ سنڌي ٻولي ڪنوار جيان سونهن ، ڳهن ۽ سينگارن سان سينگاريل آهي، جنهن جا چٽا پٽا اهڃاڻ موجود آهن. تخليقڪارن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي جهان کي رنگ برنگي ٻوٽن، پنن ۽ گلن سان سونهن بخشي آهي، تن ۾ محاورا ۽ اصطلاح پڻ آهن، جيڪي پنهنجي نوعيت جا رنگ ۽ حسن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پيدا ڪندڙ لفظي ميڙ آهن، جنهن سان ڪلام ۾ ڪمال جي جامعيت اچي وئي آهي، ان سان گڏ اختصار جو انحصار بہ انهن ساڳين ئي اصطلاحن جي استعمال تي ئي آهي. حاصل مقصد تہ نثر نويسي يا شاعريءَ جي ميناج جي ڪمال جو دارومدار ان جي استعمال ڪيل اصطلاحي ٻوليءَ تي آهي، ڇاڪاڻ تہ رواجي معنيٰ کان هٽي ڪري خاص معنيٰ پيدا ڪرڻ اصطلاحن ۽ محاورن جي ڪمال جو ئي جمال هوندو آهي.

## حوالا


1. جيٽلي، مرليڌر، 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو ٻيو، 2004ع، ص:54.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مرتب: 'جامع سنڌي لغات'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، جلد پهريون، 1995ع، ص: 204.
3. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مرتب: 'جامع سنڌي لغات'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ، جلد پنجون، 1981ع، ص: 2939.

4. A.S Hornby : Oxford advance learner's dictionary : Oxford University press : page 643 : 2002.

5. سرڪي، نياز ، 'قرآن ۽ سنڌي ورجيسيون'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد ، 2001ع، ص: 14.
6. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'شاهہ جو رسالو'، علامہ آءِ آءِ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، پهريون ڇاپو، 1999ع، ص: 183.
7. ساڳيو، ص: 236.
8. ساڳيو، ص: 238.
9. پٽي، رشيد ، (مترجم)، 'پرديس ۾' ، (ڪهاڻي)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ، مهراڻ : اپريل/ 2010ع، ص: 57-58.
10. ساڳيو.
11. گل، شبنم ، (ڪهاڻي) 'خالي هنج جو ڏک'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ، مهراڻ: 2 / 2010ع ، ص 75.
12. حامي، عطامحمد، ڊاڪٽر، 'خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994ع، ص: 119.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

13. حامي، عطا محمد، ڊاڪٽر، مقالو: ’راٽيپور جا پير‘، مهراڻ: 1979ع، ’سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو‘، ص: 133.

14. حداد، محمد علي، ’حاميءَ جو ڪلام‘، مرتب: ، حامي يادگار ڪاميٽي، خيرپور، 1986ع، ص: 258.

15. ساڳيو، ص: 180.

16. ساڳيو، ص: 189.

17. جويو،تاج ، ’نيڻ مهٽي خيال جا ڳيا‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993ع، ص: 63.

18. امر اقبال ، ’ڇا رکيو آهي امر اقبال ۾ ‘، پوپٽ پريس، خيرپور، 2009ع، ص:31.

19. مشتاق ڦل، ايڊيٽر: محمد ٻارڻ ، سنگت 28 ، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، 2011ع، ص: 170.

20. عباسي، انيس گل ، سهيڙيندڙ: ’وڻ وڻ پنهنجو واس‘، ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو، 2009ع، ص: 41، 22، 109 ۽ 72.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair